

# هوائيِ ٻوليءَ جو آئينديءِ تنهن مان سنڌين لاءِ ورڌُ

April 22, 2007 at 10:52 pm | Sindhi, Autobiographical, Language, Education

هڪ نظر هيڏاهن ـ ڪن لفظن جي معنا لاءِ هِت ڻَڙڪَ هڻندا

http://shikarpuri.wordpress.com/glossary

هاڻ هِت سيارو پوري ٿي مهنو ٿي ويو آهي. ڏينهن اجا ڏگها ٿيندا وڃن پيا ۽ سجَ جون ڪِرڻون ٻه هن ٻومي ڀاڱي جي ٽَرَ تي وڏيڪَ اُڀيون ڪِرن پيون جنهن ڪري ڏينهن تپندا پيا وڃن. وڻن جون ٽاريون ڦٽيون آهن، مينهن گهٽا وسنِ ۽ جاتي ڪاٽي گلَ ڏسڻ اچن.

هتان جي سياري جي سَٺَ کان ڊسمبر پڇاڙي ۽ جنوريءَ منڍَ ڪيئي ڀيرا مان پنهنجي ڪُٽنب سان هوائي رياستَ ويندو آهيان. هوائي آمريڪا جي اولهه سمنڊَ ڪناري تان اٽڪل ٻه هزارَ ميلَ يا ٽي هزار هزارِي ميٽر (ڪِلاميٽرَ) پري وڏي سمنڊ وچ ٻيٽن جو ميڙُ آهي. هوائيِءِ رياستَ جو وڏي ۾ وڏي ٻيٽ جو نالو پڻ هوائي آهي جنهن ڪري ميڙَ ۽ رياستَ جو نالو هوائيِ پيو. هوائي ٻيٽَ جي ايراضيِ لڳِ ڀڳِ ڏهه هزارَ چورس هزارِي ميٽرَ آهي. ميڙَ ۾ ست ٻيا ٻيٽ آهن جن مان ڇهن تي ماڻهون پڻ رهنِ. هونئن ٻيا گهڻا ئي ننڍڙا ٻيٽ، ٻيٽڙيون ۽ ڇِپون آهن جن سڀن جي ايراضي ملائي ٽيهن هزارن چورس هزارِي ميٽرن کان ڪجهه گهٽ ٻيهي. هوائي رياست جا اڄُ ٻارهان لکَ ماڻهون رهواسي ٻيهن، تنِ مان اوآهوءَ ٻيٽ تي اٽڪلَ اٺ

وڃنِ يا هڪ ٻي مٿان چڙهنِ. اِهڙين جهانجهراينِ ڪري پوُن ڪنپي ۾ گاڙي وهي، تنهن وسيلي نئين زمين ٺهي جا پهرين جبل جي صورتَ ۾، پوءِ ان تان وهڪرو. هوا ۾ پاٽي تنهن کي نرم ڪندا هلن ۾ ڪن ملينن ورهين ۾ سخت آتشي پٿرن کي ٻه پوري واريِ جي صورت تائين آڻي ڇڏن.

http://www.ucmp.berkeley.edu/geology/tectonics.html

http://www.enchantedlearning.com/subjects/astronomy/planets/earth/Continents.shtml



هوائي جا ٻيٽَ ٻين ٻين جُوالامُکينِ جي ڦاٽڻ ڪري پنجن کان پنجاهَ لک ورهيہ اڳ ٺهيا. جُوالامُکيءَ ڦاٽ ڏيئي زورَ سان مٿي مواد موڪليو جنهن سان ٻرندر جبل ٺهيا. ڌرتيءَ جي عمر ساڍا چار بلينِ ورهيہ آهي، تنهن حساب سان هيِ ٻيٽ اصل ننڍڙي عُمرَ جا ٿيا.

ٻيٽن مان سڀنِ کان تازو ٻيٽُ هوائي جو وڏو ٻيٽ آهي جتي پيلي ديويءَ جي جبلُ ۾ اجا جيئرو جوالامُکي آهي جو هر پنجين ڏهين ورهيہ ٿورڙي ڦاٽندي رهندي آهي. انهيءَ ڦاٽ جا وڏا شولا پندرهن سورهان ورهيہ ٿيا هوُندا تہ ڏٺاهمِ جيڪي آسمان ڏانهن جبلُ وبھ ٽيھ ميٽرَ مٿي ڦٽي پي ڪيا. جوالامُکيِ لوهہَ جهڙا ڌاتوُ ۽ ٻيا معدني ڳاري پاڻياٺو وهائي پيو. جڏهن اهي هزارين درجا تپش ماپي ڌاتوُ سمنڊ ۾ ڪريا پي تہ وڏا ٺڪا پي لڳاا ۽ سمنڊَ جو پاڻي انهيءَ هنڌ اوچتو سوَ ميٽِرَ مٿي اڇلَ کائي وري ٻاڦ بڻجي اُبري پيو.

هوائي جي ٻيٽن جي ميڙَ جا سمورا ٻيٽَ پون ڇِلڙُ هيٺ ساڳي "پُليلَ ليڪَ" تان منجهان ٺهيا آهن جيڪا ٻن ٺاننِ جي ٽڪرائي هنڌ تي آهي. پلو ميان! قدرت جا بہ ڪي ڏسڻ جهڙا تماشا آهن!

خيرُ... مان چوٿيھ ورهيہ اڳ پوُن وديا متن تي شونق منجهان هڪ سميسٽر جو ڪِلاسُ ڪنيو هو. دنيا جي هڪ وڏي پوُن وگيان هيءُ ڪلاس پاڙهيو... هيءُ وگيان اِنهيءَ ڪري مشهوُر هو جو ڌرتيءَ جي عمر جو پورو حساب ڪڍيو جيڪو وگيانَ اجا تائين اٽڪل ساڳيو ميجن ۽ ساڳي نموُني سان انهيءَ جو حساب هڻن. ڌرتيءَ جي عمر بابت ڏسندا

http://www.talkorigins.org/faqs/faq-age-of-earth.html



اجا انهي متن سان لڳاءُ اٿمُ. گهڻائي وار پنهجن ٻارن کي هوائي جي ٻيٽن ميڙ گهمائڻ وٺي ويو آهيان ۽ اُتان جي پوُن وديا جي سمجهاڻي ڏيڻ پيلي ديويءَ جي جبلَ جي چوٽ ڏانهن چڙهي ، ٻريل جبل جي مُنهن تي لهي (منهن جي اوُناهي اٽڪل ٻـ سوَ ميِٽر هوندي) اٽن کن هزاري ميِٽر آر پار پنڌ ٻـ ٽِن سان ڪيو اٿم. ٻريل جبلن جا مُنهن جڻ اُڏامي وڏي ڪڏَ ڇڏيو وڃنِ. ٻريل جبل جي منهن جو فوٽون مٿي ڏسندا جيڪو هن ويب ڪڙيءَ تان ڪنيل آهي



http://hawaii.wr.usgs.gov

(پاسي ۾ فوٽون زال سان هوائيءَ ۾ سمندَ پرَ هوٽل ۾ نيرن ڪندي ڇڪيل آهي)

اِهڙو ”نئون“ ٽهيل ٻيٽُ اصل هڪ وڏو جبل آهن جيڪو سمنڊ جي تري کان وٺي ترَ مٿان نڪرِي ٻيٺو آهن. اهڙن ٻيٽن جي هڪ پاسي مينهن گهڻو پوي جو لڳھندڙَ ڪَڪَرَ جبل سان ٽڪرائين، تہ ٻي پاسي ريگستان. مثال تہ هوائيِ ٻيٽ جي هڪ پاسي ڏھ ميٽرَ ورهيو ورهيا وَسَ پوي ۽ اِها روزَ پٽي پوندي آهي! انهيءَ وسڪاري ڪري برساتي ٻيلي ٿهيو جنهن ۾ ڏھ هزار يڳاني پودن جا وِشيشَ ۽ ڪِن پکين جا پڻ وشيشَ ٿين. اِهي جاندارَ ٻي ڪنهن هنڌ نہ ملن ڇو تہ هوائي ٻيٽن جو ميڙ ٻين ٻيٽن ۽ ڪنڊن جي آباديءَ کان هزارين هزارِي ميٽرَ پري آهي، هتي رڳو اڏامندڙ پکي ۽ هوا ۽ سمنڊ جي لهرن تي سفر ڪندڙ ٻجَ پُڳا. قدرت جي اوسراٽپي قانون موجب اهي وڳوٽيلِ پکين ۽ پودن جا وِشيش ڦرندا رهيا ۽ پنهنجي يڳاني صورت اختيار ڪيائون. اهو اوسراٽپي جو قدرتي قانونُ اٽويهين صدي جي وڏي عطائي وگيان چارلس ڊارونَ گَلاپاگوسِ ۽ ايٽلانٽڪ وڏي سمنڊَ جي ٻين ٻيٽن جو سفر ڪندي ڳولهيو.

خير، ڪنهن ٻي وقت انهي قدرتي قانون جي ڳالھ ڪبي جنهن نہ رڳو انسان جي اِبتدا جيِ سمجھاڻي ڏني، پَرَ سَوَ ورهين ۾ جيِوَ وديا جو ايڏو ڪمال جوڳو واڌارو ڪيو.

هوائي برساتي ٻيلي بابت هيءَ ويب ڪڙي ڏسندا.

http://www.onehawaii.org/Pages/Nature/Rainforest-Facts.php



هوائي ٻيٽن جو ميڙ جنهن وڏي سمنڊ وچ آهي تنهن جو انگريزن سانتپِڪو وڏو سمنڊ رکيو. هوائيءَ ۾ انسان رڳو اٽڪل ٻه هزار ورهيه اڳ هزاين هزارِ ميٽرَ صفا سادين ٻيڙيون تاري پالينيشا جي ٻيٽن مان نڪرِي پهُتا. اهڙو ڏکيو سفر الائي ڪينئن پورو ڪيائُون. انسانن جي اچڻ کان پهرين رڳو پکي هوائيءَ ۾ رهندا هيا ۽ ڪي به شڪاري جانور ڪونه هيا. تنهن ڪري پکين کي ڪنهن کان ڀَوُ ڪونه رهيو.

بيشڪُ انسان سڀن کان خطرناڪ ۽ رهزن جانور آهي. اٽڪل ٻن هزارن ورهين اندر پکين جا اڏُ وِشيشَ (قِسمَ) چڙو سهٽن ڀَرَن ڪاڻِ وساٽي ڇڏيائون. اٽويهين صدي ۾ يورپي هوائي پهُتا ۽ تِنِ وري هڪَ صديءَ اندر بچيل پکين جا بندوُقن سان شڪار ڪيون نَوي سيڪڙو وِشيشَنِ جي وساٽي ڪري ڇڏي!

هاٽي ڪي ٿوڙا اولائڪي پکين جا قسمَ جبل چوٽ وٽ رهن جتي ماڻهن جو وڃڻ ڏکيو هوندو هو. اِنهن جو هڪ وِشيشُ نيني ڪونبو آهي جيڪو مان گهٽائي وارَ ڏنو آهي. توڙي ڀَلِيَل جانور ناهي، اجا انسان ذات مان ڇِرڪي ڪونه ! مٿي فوتوُن نيني پکي جو. اهڙن پکين جي سلامتي لاءِ اجوڪن ڏينهن ۾ گهٽا ئي اُپاوَ ورتا پيا وڃن جو ماڻهن جي هِتي انهيءَ بابت

ساڄاهہ وڏي آهي تہ وِساڻي هميشہ لاءِ ٿئي ۽ قدرتي هَموَزني کي اِيئين ڪارڻ سان انسان ذاتِ جي پڻ نيٺ تباهي ٿيندي جو انسان قدرت جو هڪُ جُزو آهي).

هوائي ٻيٽن جي انساني تاريخ يورپين جي اچڻ کان پوءِ اولائڪي هوائيِ ماڻهن لاءِ گهڻي درد ڀري آهي. ڪيئي بيمارين مان مارجي ويا جو ٻين آبادين کان الڳہ رهندي انهن جي ٿهين ڪيئي پيانڪ وِچڙندڙ مرضَ ڪو نہ ڏٺا هئا ۽ تِن لاءِ سريرَ ۾ ڪا رِهائي ڪانہ هَنِ . ڏارين جي ٻينڪ ڪري هتان مُلڪُ ڪسجي وين. هڪ ٻيٽ ۾ ڪي سوَ ڪٽنب ڇڏي رڳو ٻہ ٿي سيڪڙو وجي بچيا. اڄُ ٻيٽن ۾ رڳو ويهہ سيڪڙو جزئي اولائڪي هوائي رهن (يعنيِ اُهي جن جو ڪو ڏاڏو پڙ ڏاڏو يا ناني تر ناني, وغيره اولائڪي هوائييُن مان آهن). هوائيِ ماڻهن کي نہ مزوري ڪرڻ جي عادت هئي نہ ڪو گهڻن شين جو شونق. ڪاڏو سمنڊ ۽ قدرت مان جام هوندو هين.. يورپين کي پيسي جي لالچ, سو ڳني جي پوک ڪيائون. تنهن ڪمَ لاءِ ويهين صدي ۾ جپانَ ۽ فليپينَ مان مزور گهرايا ويا جنهن ڪري اڄ هوائيءَ جا اَڌ رهواسي ماڻهون ايشائي ٿين.

هونئن هڪُ واٽوُمل نالي سنڌي سال 1914 ۾ هوائيءَ واپار ڪاڻ پُڳو ۽ تنهن جو هيل تائين ڪُٽنبُ ڏاڍو شاهوڪار آهي ۽ گهڻن ئي خيراتي ڪمن ۾ پڻ هٿ وڌو اٿن. ڪُٽنبَ جا ٻيا ڀاتي ورهانڱي کان پوءِ سنڌڙي ڇڏي هوائيءَ آيا. ڪٽنبَ جي وڏي ديوان گوبندرام جهامنداس واٽوُملِ هڪَ خيراتي پيڙاڪي 1942 ۾ جوڙيِ جنهن هتان گهڻائي مليِنَ ڊالرَ ڪُٽنب ڏيندو هليو آهي. نہ رڳو هوائي ۾, ڀَرَهاڻ ممبئي ۾ بہ اِسپتال کولي اٿنِ



http://www.ghrc-abu.com/aboutus.htm

افسوس تہ اهڙن وارثن لاءِ سنڌ جون واٽون اجا بند آهن ؛ جن سنڌ ۾ هاڻ بينڪ جمائي آهي سي سنڌ کي لُقطو سمجهيو وينا آهن. مان اِنهن واٽوُملن جي هاٽوڪي وڏيءَ اندِروُ واٽوُملَ سان اٺ ورهيہ ٿيا هوُندا جو مليو هوُندم، کيسُ سنڌ جو سڌُ سماءُ ٻڌڻ ۽ فوٽون ڏسڻ جو گهڻوشونق هيو. اِندروُ واٽوملَ بابت هِڪَ آڪاٽي هيٺ ڏسندا

http://littleindia.com/february2003/Addicted%20to%20Love.htm

(هيٺيون فوٽوُن پرندر جبلَ جي لاٽِ يا گاڙي جي آهي جنهن جي ڳالهہ مان پي ڪئي. اولائڪي هوائي انهيءَ کي پيلي ديوي جي باهِ سمجهندا هيا ۽ ديويءَ کي ٻاڏائيندا هيا تہ ڪاوِڙ نہ ڪري. اِنهيءَ وهڪري جي تپش ماپ اٽڪلَ هزار سوَ وندبيل درجا هوندي. پيرُ وجهہ تہ جهنگهہ سڙي رکَ)

وبهين صدي جي مُنڍَ ۾ يوريين هوائي ٻوليءَ جو خاتمي ڪرڻ جي پڻ ڪئي. سِڪوُلِن ۾ هوائي پارهڻ تي پابندي هنيائون. 1983 ۾ رڳو 50 بار هوائي ٻولي ڳالهائي سگهيا پي. جڏهن نئين ٿهي ڪا ٻولي ڪانہ ڳالهائي سگهي، تہ ٻوليءَ جي وِساٽي پري ناهي. دنيا جي هزارن ٻولين جي وساٽِ اينئين تي چُڪِي آهي ۽ اجا ٿيندي پئي وڃي. هوائي جي اولائڪي ماٽهن ۽ ڪن جزُ هوائي گڏيلِ جنسي ماٽهُنِ هوائي ٻولي جي بچاءُ لاءِ هٿ پير هنيا. 1994 ۾ نواهِي نالي جو هڪُ سِڪوُل کولايائون جنهن لاءِ ماشي ۽ سياسي ڏکيائي جو مقابلو ڪرٽو پيئن.

گھڻا مائٽ پاڻ هوائيِ ٻوليِ ڪينَ ڄاڻن. نواهيِ سِڪولَ ۾ انگريزي ڳالهائڻ تي انگريزي ڪِلاسَ کان ٻاهر پابندي وڌي ويئي. انهيءَ سِڪوُل ۾ هوائيِءَ جون رسمون, ناچ, عقيدا پڻ پاڙهڻ شروع ڪيائون. نواهيِ سِڪوُلَ ۾ ابتدائي تعليمَ کان وٺي ٻارهين درجي تائين هوائي ٻولي ۾ متن پاڙهن ٿا.

نڪتاچيني ڪندڙن چيو تہ هوائيِ ٻولي هلي نہ سگهندي ۽ متن هوائي ٻوليءَ ۾ پارهڻ سان ٻارن نقصان رسندو. تعليمي ماهرن انهي ڳالهہ کي رد ڪيو ۽ حقيقت بہ ڪا ٻي نڪتي.. ٻيا متن تہ ڇڏيو انگريزيءَ ۾ ئي انهن ٻارن جو ن مارڪوُن ڏسو جِن جي مائٽن ئي هوائيِ ڳالهائڻ وساري ڇڏي هُئيِ ـ

***Critics say students could be held back by learning a language that is not "viable" in today's world. But school officials say Nawahi students have exceeded peers in standardized English tests…***

***State Senator Clayton Hee, a longtime supporter of Hawaiian language programs, was encouraged to speak only English while growing up, like many other Hawaiians. He learned Hawaiian in college and now uses it proudly and often.***

***"It gave me a sense of identity. It gave me a sense of pride," he said.***

***(Associated Press,April 15, 2007)***

هاڻ هوائي  رياست انگريزيءَ سان گڏ هوائي ٻوليءَ کي سرڪاري ٻولي ڪري برابر مڃيو آهي. اسان هوائي ٻوليءَ لاءِ خير گهروُن ٿا جو دنيا جو اِها پڻ ورثو آهي. شَلَ بقا ٿيئيس.

ڪي ڏينهن ٿيا اها ڳالهہ مان پنهنجي بلاگ ۾ پڙهي ڪئي تہ پنهنجپائي ۽ پاڻ تي وِشواسِ هجڻ وڏي اهميت رکي ٿي. سنڌ جي تعليم جي ڪمزوريءَ جو وڏو ڪارڻ ٻارن ۾ گهٽتائي جو احساس آهي جو سنڌي ٻولي دٻائي سنڌ تي بينڪ ڄمائيندڙن پکيڙيو آهي.

ڏٽي انهن لاهوريِ تيرن کان پناهہَ ڏي جن سنڌ جو حال بڇڙو ڪيو اٿنِ

وِچ تلاءُ جي پاٽي دي پيتي ، ڏون شهزادي شوريِ

ڪر دي عالَم اُتي حُڪوُمت، حُڪم زور آور زوريِ

دست ڪمان اُنهان دي هيئي، مارن تيِر لاهوريِ

تنهان ڪنوُن پيُ ڪِيون نهيِن وَيندا، ڏيوين جند سڳوريِ!

”سچلَ“ صِف بَصِف مشتاقان، جا جُٿا سِر گهوريِ!

” مشتاق“ هاٽي سنڌڙي، جنهن جا جُٿا روزِ ٽُڪرا تڪرا پيا ٿينِ